INFORMED CONSENT DOCUMENT – Control

راضي نامو (ڪنٽرول)

Project Title: Fermented Food - Achars (fermented pickles) in Pakistan	Project ID:
Sponsor: BMGF	ERC Ref #
Principal Investigator: Dr. Syed Asad Ali CO- Principal Investigator:: Dr Junaid Iqbal CO- Principal Investigator:: Dr Najeeha Iqbal	Organization: Department of Paediatrics & Child Health, Aga Khan University, Karachi, Pakistan
Project Location: Matiari	Phone: 34864955-021

حصو وٺندڙ جو نالو _____

Study ID:

		-				-				

پس منظر

دنيا ۾ غذائي کوٽ جو سڀ کان وڏو بار ڏکڻ ايشيا ۽ افريقا تي آهي. پاڪستان جي صوبي سنڌ جي هڪ ڳوٺاڻي ضلعي مٽياري ۾ گذريل ڏهن سالن کان اسان جي ماحولياتي سببن جي ڪري ٽيندڙ بيمارين تي ڪيل ڪم مان اها خبر پئي آهي ته پيدائش جي وقت واري ماپ تور، ننڍپڻ ۾ جسماني واڌويجهه جي گهٽتائي جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪرڻ جو سڀ کان اهم ذريعو آهي. پيدائشي واڌويجهه گهٽي قدر ماءُ جي صحت ۽ خوراڪ جي اثر هيٺ هوندي آهي. سَنڌيل ڪاڌا هڪ ديسي، ايا تائين گهٽ استعمال ٿيندڙ ذريعو آهن جيڪي آندن جي صحت کي بهتر بڻائي سگهن ٿا، سوچ کي گهٽائي سگهن ٿا، ۽ عورتن ۾ هڪ صحت مند هاضمي جي سرشتي کي بهتر ڪري سگهن ٿا. سنڌ جي ڳوٺاڻي علائقن ۾ ٻوٽن مان نهيل سڀ کان عام سَنڌيل خوراڪ آچار آهي، جيڪو ڪيترن ئي قسمن جي ڀاڄين ۽ ميون مان تيار ٿيندڙ هڪ مقامي سنڌيل سانڌاڻو هوندو آهي. آچار صدين کان هن علائقي ۾ استعمال ٿيندو رهيو آهي. سنڌ صوبو 2400 ق.م موهن جو دڙو تهذيب جو گهر آهي ۽ ڪوٽائي دوران ملندڙ برنيون، آچار استعمال ٿيڻ جو ثبوت ڏين ٿيون. روايتي لوڪ ڪهاڻين ۾ ٻڌايو ويو آهي ته حمل دوران آچار جو استعمال سٺو هوندو آهي. هن ثقافت ۾ ته حمل جي شروعاتي نشاني هي آچار جي خواهش ڪرڻ آهي. آچار کي اُلٽي يا دل خراب ٿيڻ کان روڪڻ جي لاءِ دوا سمجهيو ويندو آهي ۽ حمل جي شروعات ۾ پيٽ جي مرضن کي حل ڪرڻ ۾ مددگار سمجهيو ويندو آهي.

توهان کي ڇا ڪرڻ لاءِ چيو ويندو؟

آچار جا طبي فائدا ڪافي حد تائين سڃاتل آهن. آچار کي سَنڌڻ جي ڪري ان ۾ اهم جيوڙا شامل ٿي ويندا آهن جيڪي سڌي يا اڻ سڌي طرح سان صحت جي ڪيترن ئي فائدن جي لاءِ ذميدار آهن. تنهن هوندي به، عملي زندگي ۾ ٻار پيدا ڪرڻ جي صلاحيت رکندڙ عمر وارين عورتن جي صحت تي آچار کي باقائدگي سان استعمال ڪرڻ جو اثر جانچڻ لاءِ اڄ تائين ڪا به طبي تحقيق نه ڪئي وئي آهي. اسين اهو تصور ڪريون ٿا ته ان روايتي سَنڌيل آچار جو استعمال پاڪستان جي صوبي سنڌ جي ضلعي مٽياري ۾ موجود ٻار پيدا ڪرڻ جي صلاحيت رکندڙ عورتن (18 کان 49 سال) جي هاضمي جي سرشتي جي سوچ کي گهٽ ڪري سگهي ٿو ۽ هڪ صحتمند هاضمي جي نظام جي اڳيرائي ڪري سگهي ٿو. هن تحقيق ۾ اسين ٻار پيدا ڪرڻ جي صلاحيت رکندڙ عمر وارين عورتن جو هڪ گروپ ناهينداسين جنهن ۾ ڪجهه عورتون آچار ڪائينديون ۽ ڪجهه عورتون پنهنجي معمول وارا ڪاڌا ڪائينديون (آچار کان علاوه ڀاڄيون ۽ ميوه).

اسين توهان کي گذارش ڪريون ٿا ته توهان پنهنجي گهريلو معلومات سان گڏوگڏ پنهنجي قد ۽ وزن جي ماپ ۽ مختلف وقتن تي پنهنجي رت ۽ پئخاني جا نمونا وٺڻ جي اجازت ڏيو.

توهان کي ڇا ڪرڻ لاءِ چيو ويندو؟

جيئن ته توهان معمول موجب اٽسنڌيل ڪاڌو پيتو واپرائيندڙ جي طور تي منتخب ٿيا آهيو، ان ڪري اسين توهان کي هن تحقيق ۾ حصو وٺڻ جي گذارش ڪريون ٿا. جنهن ۾ اسين توهان جي گهريلو معلومات، توهان جي قد ۽ وزن جي ماپ ، ٻه پيرا رت (تقريبًا 10 ملي ليٽر) حصو وٺڻ واري ڏينهن ۽ اٽسنڌيل ڪاڌو پيتي جي 8 هفتن کان پوءِ. ٽي پيرا پئخاني جا نمونا، حصو وٺڻ واري ڏينهن، 8 هفتن کان پوءِ ۽ 12 هفتن کان پوءِ وٺنداسين، ته جيئن اسان سنڌيل ۽ اٽسنڌيل ڪاڌي پيتي جا عملي زندگي ۾ ٻار پيدا ڪرڻ جي صلاحيت رکندڙ عمر وارين عورتن جي صحت تي ٿيندڙ اثر جي باري ۾ معلوم ڪري سگهجي.

Matiari Research & Training Centre